رانديڪن سان راند

(ٻارن لاءِ شاعري)

غلام محمد "غازي"

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani

رانديڪن سان راند

ٻارن لاءِ شاعري

غلام محمد "غازي"

SOORIH SINDHI ADAB

Institute of Sindhology

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

2003ع

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 180

پهريون ايڊيشن 2003ع
تعداد: 1000 ڪاپيون
ڪاپي رائيٽ © انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 2003ع
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سهڪار: پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد
سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي وٽان ڇپيو
شوڪت حسين شورو، ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،
سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، سنڌ. پاڪستان ڇپائي پڌرو ڪيو.

ملهه: 50/=

ISBN 969-405-067-7

SOORH SINDHI ADAB

RANDICAN-SAN-RAND
by
Ghulam Muhammad Ghazi

Published by
Institute of Sindhology
University of Sindh, Jamshoro, Sindh
In collaboration with
Pakistan Academy of Letters, Islamabad.
Printed by
Sindhica Academy, Karachi. Ph:7737290
First Edition 2003
Copies 1000
All rights Reserved
Price: Rs. 50/=

انتساب

پيارې پاڀوهہ مان

محترم سائين اياز گل

جي نان ۽

غلام محمد غازي

فهرست

★ تعارف	گوهر سنڌي	6
★ ناشر طرفان	شوڪت حسين شورو	7
★ پنهنجي ٻارن	غلام محمد غازي	8
★ ’غازي‘ ۽ ٻارن لاءِ سنڌس سرجيل شاعري	محمد شريف ’شاد‘ سومرو	9
★ حمد		20
★ نعت		21
★ پريات		22
★ مسڪرائيندا رهون		23
★ اي اسان جا وطن		24
★ گل		26
★ هي ديس اسان جو جنت آ		27
★ گلن جهڙا		29
★ ادڙا		30
★ اسان راجا		31
★ رانديڪا		32
★ طوطل		33
★ ڪارو ڪتڙو		34
★ گيت ڳايو		35
★ سڪر براج		36
★ تنظيم		38

★ وطن	40
★ سوکڙي	42
★ جاڳو جاڳو	43
★ لالچ	44
★ سادگي	45
★ مور	46
★ مٺائي	47
★ ڏينهن تتو	49
★ ٻچي جا هار	50
★ ڪاوڙ	51
★ اجرڪ وارا ماٺو	52
★ هي ٻارڙا	53
★ ٻهراڙي	54
★ ٻالڪ تنهنجا ٻول	56
★ نظارا	57
★ سنڌ آ سياڻي	58
★ ترت تياري	59
★ چڱائي	60
★ بُري عادت	61
★ سگهڙ	62
★ اخلاق	64
★ سودو	66
★ ماما چنڊ	67
★ گيت ڳائيندا هلو	68

تعارف

غلام محمد "غازي" 9 اپريل 1955ع عبدو شهر ۾ جنم ورتو. سندس والد محمد سومر مهر هڪ پورهيت هو. غازيءَ پهرين درجي کا انين درجي تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ تعليم حاصل ڪئي. نائون ڪلاس ڊي سي هاءِ اسڪول چڪ مان پاس ڪري ڏهون درجو ڊي سي هاءِ اسڪول گهوٽڪي مان پاس ڪيو. 1973ع ۾ رجسٽريشن آفيس ۾ ڪلارڪ ڀرتي ٿيو. 1977ع ۾ اها نوڪري ڇڏي ڪري 17-02-78 گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر ۾ آرٽ ٽيچر جي نوڪري حاصل ڪئي. 1976ع کان شاعري شروع ڪئي.پهريون گوهر ۽ بعد ۾ 1982ع کان غازيءَ جي نالي سان شاعري ڪرڻ لڳو. شاعريءَ جي اظهر گيلاني ۽ نثار بزميءَ کان سکيا ورتي. "غازيءَ" هن وقت تائين 10 ڪتاب لکيا جن مان سنڌي ٻاراڻي ادب ۾ 5 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، سندن هي ڇهون ڪتاب آهي. جڏهن ته وڏن لاءِ 5 ڪتاب 'شاعري' جا لکيا آهن، جيڪي مسودن جي صورت ۾ پيا آهن. سنڌي ٻولي اٿارٽي طرفان سندن ڪتاب "مُرڪندڙ مکڙيون" کي ايوارڊ ۽ انعام ڏنو ويو. هن کي ٻيا ٻه ڪيترائي ايوارڊ مليا آهن. "سماجي آواز اخبار" شڪارپور جو چيف ايڊيٽر، روزانه "پاڪ سنڌ" سکر ۾ ٻارڙن جي صفحي "ٻار گلن جا هار" جو انچارج ماهوار گلستان حيدرآباد ۽ گسٽا ميگزين سکر جو صلاحڪار آواز اعجاز ۽ حوصلا پبليڪيشن جو چيف ايڊيٽر ۽ آزاد سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن عبدو ضلعو شڪارپور جو سرپرست اعليٰ آهي ۽ سنڌي ادب سنگت جو عهديدار ۽ ميمبر به.

گوهر سنڌي

ناشر طرفان

ٻار اسان جي قوم جو سرمايو آهن، انهن جي پاڪ صاف ذهن ۾ آسان ٻوليءَ ۾ سچيون ۽ چٽيون ڳالهيون سمائڻ، انهن کي پنهنجي ٻولي، ڌرتي، ادب، اخلاق، ثقافت ۽ ديس جي آزادي، خوشحالي بابت آگاهي ڏيڻ، سمجهائڻ، سيکارڻ اسان سڀني جو اولين اخلاقي فرض آهي. اهو نثر ۾ هجي يا نظم ۾، اڪثر ڪري اهو ڏٺو ويو آهي ته ٻار نثر کان نظم ۾ ڪابه ڳالهه آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو.

غلام محمد غازيءَ ٻارڙن جي لاءِ ڪيترائي نظم لکيا آهن. جيڪي اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن ۾ ڇپيا آهن. هن کان اڳ غلام محمد غازيءَ جو ٻارڙن لاءِ نظمن جو ڪتاب "سائنس پئي سمجهائي" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي پبليڪيشن شعبي طرفان ڇپجي چڪو آهي.

ٻاراٽي ادب جي کوٽ کي پوري ڪرڻ لاءِ هر اداري کي اڳتي هٿ وڌائڻ گهرجي. سنڌي ماڻهن کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻوليءَ جي واڌ ويجهه لاءِ پنهنجن ٻارڙن کي سنڌي ڪتاب، رسالا خريد ڪري ڏين ته جيئن هو پڙهن. اُميد آهي ته اسان جي قوم جا ننڍڙا ٻالڪ پنهنجي ٻوليءَ جا ڪتاب وڌ کان وڌ پڙهندا ۽ لکندا.

شوڪت حسين شورو

ڊائريڪٽر

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

پنهنجي ٻارن

جنهن وقت کان آءٌ شاعري ڪرڻ لڳس، اُن وقت کان هن وقت تائين سنڌي ٻاراڻي ادب کي وڌيڪ اهميت ڏني ۽ ٻارڙن لاءِ گيت لکيا. اسڪول ۾ پڙهائيندي، ڪڏهن ڪڏهن ڪو ٻار ڪلي ڪري پڇندو آهي، سائين! گل ڦل هي گيت اوهان لکيو آهي؟ اهو ٻڌي ٻار ڏانهن ڏسندو آهيان ته هن جي منهن تي مُرڪ تري ايندي آهي. ڪيترائي ٻار پنهنجن نوٽ بوڪن تي شعر اتاري ڇڏيندا آهن. مان سمجهندو آهيان ته مون کي لکڻ جو سِلو ملي ويو ۽ دل چوندي آهي ته سڄي زندگي انهن ٻارن لاءِ لکندو ۽ سيکاريندو رهان، اگر اهي ٻار پڙهي لکي سگهيا ته اسان جي قوم علمي ادبي اخلاقي ميدان ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويندي. منهنجي خواهش آهي ته ٻارڙن کي دنيا جي ٻين ٻولين مان بهتر مواد چونڊي ترجمو ڪري ڏيان ۽ پنهنجو مواد ترجمو ڪري ٻين ٻولين ۾ ڇپرايان. ڇو ته ٻولي ڪابه ڪَسي نه هوندي آهي، هر ٻوليءَ ۾ بهتر لکيو وڃي ٿو.

اسان کي گهرجي ته سائنس جي موضوع تي وڌ ۾ وڌ لکي ٻارن کي پڙهائجي. ڪتاب لکڻ ڇپائڻ ته بهتر پر چڱي ڳالهه اها آهي ته، ڪتاب ٻارن جي هٿن تائين پهچايا وڃن. ڳوٺن ۽ شهرن ۾ لائبريريون نه صرف قائم ڪيون وڃن، پر انهن ۾ ٻارڙن کي پڙهڻ جو ڀرپور موقعو ڏنو وڃي، تقرير، تحرير ۽ چترڪاريءَ ۾ انهن جا مقابلا ڪرايا وڃن، جيئن اهي پنهنجن پيرن تي بيهي پنهنجي ڌرتي ۽ قوم جو مانُ مٿاهون ڪن.

غازي

غلام محمد ”غازي“
۽ سندس ٻارن لاءِ سرجيل شاعري

ليکڪ: پروفيسر محمد شريف ’شاد‘ سومرو

غلام محمد ”غازي“ صاحب ٻارن لاءِ لکيل مجموعو ”رانديڪن سان راند“ ڏيئي هليو ويو، خط لکي رکي ويو ته، هن ڪتاب تي مضمون لکي رک ته، ڪٽي ويندس. وري چئي ويو ته ٻن ڏينهن ۾ لکي رکي. مونکي ته ائين لڳو ڄڻ انڪم ٽيڪس جي گوشوارن داخل ڪرائڻ جي آخري تاريخ هجي. مون جهڙي سست ماڻهوءَ لاءِ اهو هڪ وڏو چئلينج آهي. بهرحال ”غازي“ جي مجموعي تي مهاڳ لکڻو آهي. هڪ ته ”غازي“ صاحب کي اڳ واري ڪتاب تي ٻه اکر لکي نه ڏنا هئا، ڪيس اها به ناراضگي هئي. تنهن ڪري هاڻي ان کي نظرانداز ڪرڻ مناسب نٿو سمجهان.

”غازي“ صاحب اسان جو همعصر شاعر آهي، مگر گهڻي محنت ۽ جفاڪشي ۾ يڃ ڏک سان ٻه چارڪتاب شايع ڪرائي چڪو آهي. اهي به سندس ٻارن لاءِ شاعريءَ تي مشتمل آهن.

.ڪيس هڪ ڪتاب جو مشورو مون ئي ڏنو هو، ته سائنسي مضمونن ۽ فارمولائن کي نظم جي صورت ڏيئي ٻارن کي ياد ڪرايون وڃن، ڇاڪاڻ ته شاعري نثر جي مقابلي ۾ وڌيڪ جلدي ياد ٿئي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾ ”غازي“ صاحب هڪ مجموعو ”سائنس

بخشي سونهن جي نالي سان تخليق ڪيو. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ وارن شايع ڪرايو. ان کان پوءِ پيا ٻه مجموعا شايع ٿيل اٿس.

هي مجموعو جيڪو منهنجي هٿن ۾ آهي، سو سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿي رهيو آهي، ان لاءِ ٻه چار لفظ ويچارڻا اهن.

هن مجموعي ۾ "غازي" صاحب لفظن سان راند رچائي ٻارڙن سان روح وندرائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. "غازي" هڪ شاعر آهي، جيڪو سماج مان ڪجھ ڳالهيون ميڙي چونڊي ڪٺي اسان ڪي سنواري سڌاري پيش ڪيون آهن. "غازيءَ" جو ڪمال اهو آهي، جو هو ٻاراڻي سطح تي لهي، ٻارڙن سان راند روند ڪري ٿو.

هڪ شاعر ڪي هئڻ ٻه ائين ئي گهرجي. جيئن آئيندي جي اَبن لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ڪرڻ گهرجي.

شاعري انساني تخليق جو عظيم ڪارنامو آهي. سيني علمن ۾ شاعريءَ جو مقام اعليٰ درجي جو آهي. ڇاڪاڻ تہ لفظن جي ذريعي انسان نئون تخيل گهڙي ٿو. جڏهن تہ ٻين علمن ۾ خاص طور تي سائنسي علمن ۾ سائنسدان مادي وسيلن ذريعي هڪ نئين شيءِ ايجاد ڪري ٿو، پر شاعر لفظن جي تاثير سان انسان جي دل ۽ دماغ تي پرپور تاثر ڇڏي ٿو، جنهن جي نتيجي ۾ نوان عڪس جنم وٺن ٿا ۽ بلندين طرف وڃي وڃن ٿا. توڙي جو انسان جي ذهن ۾ شعوري توڙي لاشعوري طور پهرين کوبہ عڪس، نقش نہ هوندو آهي، پر شاعر نوان عڪس گهڙي هڪ نئين واٽ تي وٺي وڃي ٿو، جنهن لاءِ عملي جدوجهد وسيلي شاعر جي گهڙيل عڪسن کي مادي شڪل جو عملي جامو پهرائي سگهجي ٿو. مثلاً: شاعر هڪ نئين دنيا جو تصور ڏئي ٿو، جتي امن، آزادي، خوشحالي، محبت ۽ محبت جا گيت هوندا. اهڙي ئي نموني اهڙي دنيا کي وجود ۾ آڻي سگهجي ٿو، مگر اِن لاءِ انسان جي، سچائيءَ سان جدوجهد ڪرڻ لازمي آهي.

شاعر اميدن جي انڌلٺ جيان نوان رنگ ڏيکاري ٿو. شاعر جو ڪئنواس لامحدود هوندو آهي. ليڪ اهڙيءَ طرح ديس جي آزاديءَ جو، جيڪو تصور شاعر ڏئي ٿو، اهو به وجود ۾ آڻي سگهجي ٿو. شاعري وسيلي شاعر صرف اشارو ڪندو آهي، تفصيل ۽ تفسير ان جا مفصر لکندا آهن.

هونئن به شاعري دل جي امنگ ۽ آرزو جو مظهر هوندي آهي، جيڪا هڪ گونگي کي زبان، هڪ ٻوڙي کي ڪَنَ، انڌي کي اکيون ۽ ٻي سمجهه کي ساڃاهه، ٻي شعور کي شعور بخشي ٿي.

شاعري هڪ لاشعوري ڪيفيت آهي. جنهن جا لفظ جادوئي تاثر ڇڏين ٿا، پر شاعري جي مقابلي ۾ نثر جو اظهار سڌوسنئون دماغ تي ٿئي ٿو. هونئن به نثر دماغي تخليق آهي، جنهن جو واسطو دل سان هڪ پارٽنرشپ وارو هوندو آهي. شاعري توڙي نثر جو واسطو سڌو سنئون لفظن سان آهي.

۽ الفاظ ٻوليءَ جا ايڪا آهن. اهڙيءَ طرح انسان جي ڳالهائڻ جو طور طريقو، ڍنگ ۽ جهيلار مختلف ٿئي ٿي. اهو آوازن جو لاهه ۽ چاڙهه ئي عڪسن کي جنم ڏئي ٿو ۽ هڪ ٻئي جي پنيان ٿهندڙ عڪس، تصور ۽ تخيل کي جنم ڏين ٿا. ذهن جي آڊيو، يا وڊيو ڪيسٽ ۾ هڪ فلم تيار ڪن ٿا. انهيءَ ۾ اکيون مووِيءَ جو ڪم ڏين ٿيون ۽ وات لائوڊ جو ۽ ڪَن مائيڪ جو ڪم ڪن ٿا. انساني ذهن جي ڊسڪ هڪ تمام وسيع ۽ لامحدود هوندي آهي، جنهن ۾ دنيا جا سڀ علم فيڊ ڪري ڇڏيو ته به ڊسڪ ۾ جاءِ باقي رهندي. توڙي جو اسان ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ داخل ٿي ويا آهيون، پر ڪمپيوٽر به ته انسان ئي ايجاد ڪيو آهي ۽ انهن ۾ جيڪو ڪجهه فيڊ ٿيل هوندو، اهوئي ٻڌائيندو، باقي پنهنجي طرفان ڪا به ڳالهه وڌيڪ نه ڪندو. نه ئي ان ۾ ايتري قوت آهي. اهو فقط انسان کي ئي شرف

حاصل آهي، جو وقت ۽ حالتن پٽاندر پنهنجي طرفان نيون ڳالهيون ايجاد ڪري وٺي ٿو.

لفظن جي تاثر ۽ عڪس بنديءَ جو هڪ مثال تا وٺون ته، هڪ شخص ٻئي شخص کي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو اهو ڳالهائڻ ڇو؟ اهو لفظن جو مجموعو آهي، پر ان جي پٺيان جيڪو عڪس نهي ٿو، ان جي نتيجي ۾ انساني جذبات تحرڪ ۾ اچي ٿي ۽ انسان جوابي ڪارروائي ڪري ٿو. حالانڪ اِهو ايڪشن لفظي هيو، مادي نه! يا عملي طور نه هو، پر پوءِ به انساني جذبات ۾ ڪاوڙ جو اظهار ٿئي ٿو. اهو ڪاوڙ يا غصي جو عمل مادي وسيلن کي استعمال ڪري ڳالهائيندڙ کي ڦٽي وجهي ٿو ۽ پوءِ معاشري ۾ مارڌاڙ جو جوابي سلسلو شروع ٿي وڃي ٿو. اِن مان ثابت ٿيو ته، اها زبان ئي آهي، جيڪا انسان کي اُس ۾ به ويهاري ٿي ته ڇانو ۾ پڻ. وري ان مدمقابل انهيءَ زبان جي نرم لهجي سان محبت ڀري اظهار سان هڪ پٿر دل انسان کي به موم بڻائي سگهجي ٿو. اِن مان واضح ٿئي ٿو ته، زبان يا ٻوليءَ جو استعمال ئي انساني زندگيءَ تي اثرانداز ٿئي ٿو.

اهڙيءَ ريت نثر جي مقابلي ۾ شاعري انساني دل ۽ دماغ تي وڌيڪ اثرانداز ٿئي ٿي. ٻارڙن جي شاعريءَ لاءِ جيڪي ڳالهيون ضروري آهن، انهن کي مدنظر رکڻ تمام ضروري آهي.

(1) نصيحتون، اخلاقيات (2) دينيات (3) فطرت (4) محبت (5) انسانيت (6) ديس سان محبت.

غلام محمد "غازيءَ" جي نظمن ۾ اهي سڀ عنصر موجود آهن. "غازيءَ" جي نظمن توڙي گيتن ۾ رواني به آهي، ته سادگي به آهي ۽ منجهس جدّت به آهي، جنهن ڪري سندس نظم ڏاڍ سپڪ ۽ سوادي ٿا محسوس ٿين. انهن کي جهونگاريندي دل به جهومي پوي ٿي.

"غازيءَ" جي نظمن ۾ ڪنهن به علامت جو سهارو ورتل نه آهي. سندس اظهار سنئون سڌو آهي، جنهن ۾ هن ٻارن کي اخلاقي قدر سيکارڻ جي ڪوشش به ڪئي آهي، ته محبت به سيکاري آهي ۽ گڏوگڏ ٿورن گهڻن ٿورن گهڻن ٿورن... ٿورن... ٿورن

گڏوگڏ پهريائين پهريائين دينيات طرف ڌيان ڇڪائيندي سڀ کان اول الله تعاليٰ جو حمد بيان ڪيو آهي ۽ ان کان پوءِ اسان جي نبي سڳوري ﷺ تي نعت مبارڪ لکي ٻارن ۾ پياري پيغمبر ﷺ لاءِ پريت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان کان پوءِ نظمن ۾ قوميت ۽ انسانيت جو تصور به ملي ٿو، جنهن ۾ هن ٻارڙن کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ان کان سواءِ هن فطرتي شين ۽ منظرن کي به سامهون رکيو آهي.

هتي اسين "غازيءَ" جي نظمن مان ڪجهه مثال وٺي انهن عنصرن کي تلاش ڪنداسين.

اخلاقيات/ نصيحتون: هنن نظمن جي حوالي سان سندس نظم:

"اخلاق"، "بري عادت"، "سگهڙ"، "ترت تياري"، "چڱائي"، "ڪاوڙ"، "ڏينهن تتو"، "سادگي"، "سودو" ۽ "لالچ" اهم نظم آهن.

خُلق کان بهتر نه ٻي ڪا چيز آ،
خُلق سان انسان ٿو اعليٰ ٿئي،
خُلق بن انسان ڄڻ حيوان آ،
خُلق واري جي سدا وهه واهه ٿئي.

يا نظم 'بري عادت' ۾ چوي ٿو:

بُرن عادتن کان بچو سا ٿيو،
حياتي انهن ۾ ٿئي ٿي بُري.
جوا، ڪوڙ، چوري، ٺڳي ۽ نَشو،

گندين عادتن کان پري ٿيو سُري،
نہ عادت چڱي آهي، سگريٽ جي،
کُلي ٿي انهيءَ سان دکن جي دُري.

مذڪوره نظم ۾ شاعر ٻارن کي نصيحتون ڪيون آهن، جنهن ۾ جوا، ڪوڙ، چوري، ٺڳي، نشو ۽ سگريٽ جهڙي موذي شيءِ کان روڪي ٿو ۽ چوي ٿو تہ، بُرين عادتن کان بچو، جنهن ۾ حياتي ئي بُري ٿئي ٿي. اهڙيءَ طرح "غازي" صاحب ٻارڙن کي وري فطرت طرف بہ وٺي اچي ٿو ۽ فطري منظر ڏيکاريندي وطن جا ڏيک ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. جنهن ۾ نظم "اي اسان جا وطن" سمورو فطرتي نظارن سان ڀريو پيو آهي. مثال طور:

ڪٽڪ ٻاجهر جا ٿا سنگ سونا پچن،
ڪوڪ ڪوئل ڪري، مورَ تو ۾ نچن،
روز تو ۾ نوان گل ٿا خوشبوءِ ڪن،
سونهن وارا سوين رنگ تو ۾ رچن،
اي اسان جا وطن، سونهن وارا وطن،
تنهنجي ذرتيءَ تان قربان تارا وطن.

سندس ٻيو نظم "گل" ۾ بہ فطرتي منظرن جو جنسار آهي:

رات ڪٽي ٿي، آءُ تِرِان ٿو،
سورج اُڀري، آءُ ڪِرِان ٿو.
مون سان پوپٽ نينهن لڳائن،
ڀنورا ڀٽڪن، ڦيريون پائن.

وري "وطن" نظم ۾ بہ ديس جا مناظر بيان ڪيا آهن:

اي وطن سهڻا وطن،
ٻيو نہ تو جهڙو چمن.

باغ تنھنجي ۾ لڳين،
گل نوان نِڪري پَون.

اي وطن سھڻا وطن ٻيو نہ تو جھڙو چمن.

گونچ نِڪرن ٿا نوان،
روز ٿيون مُکڙيون ٽِڙن.
اي وطن سھڻا وطن
ٻيو نہ تو جھڙو چمن.

”غازي“ صاحب فطري عڪس بندي ڪرڻ ۾ ھڪ ڪاريگر ٿو محسوس ٿئي. ”ٻھراڙي“ ۽ ”مورُ“ نظمن ۾ بہ سندس اھڙي ڪوشش ڪيل آھي.

ان ڪان سواءِ شاعر ٻارڙن ڪي رنگن، فطري رنگن طرف بہ ڌيان ڇڪايو آھي. ”غازيءَ“ ھڪ ڊرائنگ ماستر ھئڻ جي ناتي رنگن سان بہ ٻارڙن ڪي راند ڪرائي ٿو. جيئن رانديڪا نظم ۾ رنگ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آھي:

گھوڙي جو رنگ ڳاڙھو آھي،
ريل بہ رنگ کان خالي ناھي.
طوطو پڃري ۾ آ وينو،
سائو سائو سھڻو سھڻو.

نظم ’مِنائي‘ ۾ چوي ٿو:

شيشي ۾ جا بند پئي آھي،
ڳاڙھي، اڇي، سائي ڇاھي؟

ان ڪان علاوه ”غازيءَ“ ٻارڙن ۾ محبت جو عڪس بہ ڏاڍو سھڻي نموني چٽيو آھي.

دوستو ڪنهن سان به ڪائي دشمني،
ڪين سونهين ٿي ڪڏهن سنسار ۾،
دشمنيءَ ۾ ڪو مزو ڪونهي ادا!
آ مـــزو ڏاڍو مناسب پيـــار ۾.

ڪنهن سان نه رکج ساڙ هن سنسار ۾،
ساڙ ئي ساڙي ڇڏيندو آ ادا!
ڪين ڪر ڪنهن سان حسد او يار تون،
پيار جو پرچار ڪر، جيئين سدا.

”غازي“، هڪبئي بند ۾ هن ريت اظهار ڪيو آهي:

سڪ منجهان ساٿي سڏي،
قـــرب مـــان غازي گڏي،
رنگ لائيندا هلو، گيت ڳائيندا هلو.

هڪ ننڍڙي ڇوڪري جي واتان هن ريت پريت جو اظهار ڪرايو آهي:

ننڍن وڏن سان پيار ڪيان ٿي،
پـــيار جي بدلي پيار گهران ٿي.

انسانيت جي حوالي سان ”غازي“ صاحب ٻارن ۾ هڪ تصور آڻڻ چاهي ٿو.

مُرڪندي سڀ سان ملڻ آهي، سٺو،
جيءُ خوش پنهنجو رهي ۽ لوڪ جو،
منهن گهنجائي ڪنهن سان مِلجي ڇو ڀلا،
ماٺيي ريءَ، کهڙو ماٺهوءَ ۾ مزو.

جي اگر پلجي پوي انسان کو،
دگ سئون ان کي وتائج تون ادا!

هن ديس تي هردم نُور وسي،
شل سکيو هر انسان رهي،
هن ديس ۾ هرڪو مانُ لهي.

مطلب ته ”غازيءَ“ جي نظمن ۾ مختلف روپ آهن. جيڪي هن ديس جا سڀ ڪردار آهن. ان ڪان علاوه سندس نظمن ۾ ديس جي محبت جو رنگ، ڍنگ ۽ عڪس ملي ٿو.

اي اسان جا وطن سونهن وارا وطن،
تنهنجـــي ڌرتيءَ تان قربان تارا وطن.

ديس کي ماءُ سڏيندي، ٻارن کي ان جو ٻچو ڪوٺيو آهي.

اسان جي ماءُ سنڌڙي آ،
اسان ان جا ٻچا سارا.

سنڌ آهي سون سارو،
ديس تان سر صدقي ٻارو.

ديس سان سڀ نينهن لايو، گيت ڳايو جمهريون پايو. ”گيت ڳايو“ نظم ۾ سموري ديس جي ڀڳتي آهي. ان ڪان سواءِ نظم ’وطن‘ ۾ چوي ٿو:

ديس دنيا ۾ سوين،
پر نه تو جهڙا وطن،
اي وطن، سهڻا وطن،
تو نه جهڙو ڪو چمن!

”غازيءَ“ نظمن توڙي گيتن ۾ پنهنجي ديس جي ثقافت کي بہ اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. چوي ٿو:

اجرڪ وارا پيارا ماڻهو،
سنڌي ٽوپيءَ وارا ماڻهو.
سنڌڙيءَ جا هي سارا ماڻهو،
وانگيئڙا ويچارا ماڻهو.

شاعر، ٻارن جي واتان ديس ۽ ان جي ٻوليءَ سان بي پناه محبت جي سلسلي ۾ سائنسي سوچ واريون حدون بہ اورانگهي ٿو وڃي! ۽ چنڊ کي چوي ٿو، ”اچ تہ توکي سنڌي ٻولي سيکاريان!“ حالانڪ ٻوليءَ جو واسطو صرف انسان ذات سان آهي، بلڪ چنڊ تہ هڪ غيرجاندار مادو آهي.

ماما چنڊ لهي اچ هيڏي،
توکي پر ۾ ويهاريان.
آءُ تہ توکي پنهنجي منڙي،
سنڌي ٻولي سيکاريان.

نظم ’ماما چنڊ‘ ۾ ”غازيءَ“ بلڪل ٻاراڻي سطح تي لهي آيو آهي. هڪ اهڙو ٻار، جيڪو اجا ٻالڪپڻ واري حد بہ اورانگهي نہ سگهيو آهي. جنهن جي واتان سڀ ڪجهہ چوائي ٿو. ان ۾ چنڊ کي چوي ٿو، توکي بک لڳي آهي، اچ تہ توکي منڙا لولا کارايان! يا ڪيس چوي ٿو، اچ تہ توکي وهنجاريان، توکي ميرو ڪيئن ڏسان؟ ۽ اچ تہ توکي پنهنجا ساٿي ڏيکاريان، يا چوي ٿو، ”غازيءَ“ جو ڏيهہ ڏسي وڃ، موهن، مڪلي ڏيکاريان.

مذڪوره سمورو نظم غيرسائنسي سوچ جي پيداوار آهي. جيڪو نظم هڪ ٻار جي واتان چوايو ويو آهي، جيڪو نہ ڏيڻ کپندو هو،

چاڪاڻ ته اسان کي ٻارڙن ۾ سائنسي ۽ مثبت سوچ پيدا ڪرڻي آهي.

"غازي" صاحب هڪ گيت 'گيت ڳايو' ۾ ٻارن کي نصيحت به ڪري ٿو ته:

علم سان سڀ نينهن لايو،
۽ جهالت کي ڀڄايو.
ديس پنهنجي کي سجايو،
گيت ڳايو جهمريون پايو!

ان کان علاوه نظم "مسڪرائيندا رهون" ۾ نصيحت ئي نصيحت آهي. مجموعي طور تي "غازيءَ" جو ٻارن لاءِ لکيل شاعريءَ جو ڪتاب "رانديڪن سان راند" سٺو تاثر پيدا ڪري ٿو، جنهن مان اسان جا ٻارڙا خوب حظ حاصل ڪندا ۽ نصيحت تي عمل ڪندا.

پروفيسر محمد شريف 'شُاد' سومرو

تاريخ: 29 نومبر 2002ع
شڪارپور

حمد

اي اسان جا ڏٽي ٻُڌ اسان جي صدا،
تنهنجا ٻانها اسين تون اسان جو خدا.

ڪو نہ تنهنجو ٿيو ڪو بہ ثاني ڪٿي،
تون اڪيلو خدا، ٻيو نہ ڪو تو سِوا.

رزق سڀ کي رسائين ٿو، رازق آن تون،
تنهنجي در تان ملي ٿي سڀن کي غذا.

درجڏي تنهنجو ٻي ڪنهن تي در تي وڃون،
تون شفا ٿو ڏئين تون آن دردن دوا.

هڪ سهارو آ تنهنجو نہ ٻي ڪنهن جو آ،
ٻاجھ وارا ڪرم ڪر اسان تي سدا.

تيز طوفان ۾ حڪم تنهنجي بنا،
ڪين ڪشتيءَ کي ٻوڙي سگهي ٿي هوا.

تو آ ڪيڏي ڏني سوچ انسان کي،
تنهنجا احسان آهن اسان تي وڏا.

علم اخلاق ڏي، سوچ سهڻي رکون،
ٻارڙن جي هي مقبول ڪر تون دعا.

غم نہ، "غازي!" ڏسن ٻار ڪِلندا رهن،
شل پڙهن ۽ وڌن منزلن ڏي سدا.

نعت



اي حبيبِ خــدا، اي حبيبِ خــدا،
تنهنجــو نالـــو مٺو آ، مٺا مصطفيٰ.

تنهنجو نالو ٻڌي، دل ٺري ٿي پوي،
تنهنجي واڪاڻ ٿي پئي هلي جابجا.

تنهنجي آئي زمـــاني ۾ ٿي روشني،
ختم ٿي ويئي اوندهه اي نورالهديٰ.

بي سهارن جو تون ٿو سهارو ٿئين،
بي اُجهن جو اُجهو تون رهين ٿو سدا.

تون گهرايو وئين عرش تي مصطفيٰ،
پاڻ خالق چيـــو، "مـــرحبا! مرحبا!"

شان تنهنجو عجب اي رسول خدا،
ٿي گواهـــي ڏئي پيئي غارِ حِرا.

شان تنهنجي ٿي هر دم لکان نعت پيو،
شل ٿي مقبول "غازيءَ" سندي التجا.

پرڀات

ٻاتا ٻاتا ٻول اسان جا،
لاثاني آ لات اسان جي.

ابي امڙ جو پيار اسان سان،
هر دم تن کي تات اسان جي.

ڪلون ته مُڪڙيون ڪِڙي پون ٿيون،
رات به آ پرڀات اسان جي.

نفرت مان نه اسان تا ڄاڻون،
ظاهر آهي ذات اسان جي.

ڏسي ٻُڌي هرڪوئي اسان کي،
سڀ کي وائي وات اسان جي.

جڳ ساري ۾ سچ پچ سائين،
نياري آهي ذات اسان جي.

جيت اسان جي رهندي "غازي"،
مورِ نه ٿيندي مات اسان جي.

مُسڪرائيندا رهون

هر گهڙي هر گام تي،
مسڪرائيندا رهون.

گيت ڳائيندا رهون،
گُن گنائيندا رهون.

ديس جو هڪ هڪ ذرو،
تا سجائيندا رهون.

منزلن ڏي دوستو!
وِکَ وڌائيندا رهون.

چنگ، بينُون، بانسريون،
نڙَ وڄائيندا رهون.

پنهنجا پائر پينرون،
ڳل لڳائيندا رهون.

علم واري لاٽ کي،
يار ٻاريندا رهون.

ڪاميابيءَ جا سبق،
سڀ سڻائيندا رهون.



اي اسان جا وطن

اي اسان جا وطن سونهن وارا وطن،
تنهنجي ڌرتيءَ تان قربان تارا وطن.

تو ۾ ڪينجهر وَهي، تو ۾ منڇر وهي،
تو ۾ سنڌوءَ جي ٿي رواني رهي،
ماڻ مهمان ٿو تو ۾ هر دم لهي،
تنهنجي ٻچڙن جي ٿي زندگاني ٿهي.

اي اسان جا وطن سونهن وارا وطن،
تنهنجي ڌرتيءَ تان قربان تارا وطن.
ڪٽڪ ٻاجهر جا ٿا سنگ سونا پچن،
ڪوڪ ڪوئل ڪري، مور تو ۾ نچن،

روز تو ۾ نوان گل ٿا خوشبوءِ ڪن،
سونهن وارا سوين رنگ تو ۾ رچن.
اي اسان جا وطن، سونهن وارا وطن،
تنهنجي ذرتيءَ تان قربان تارا وطن.

شانُ تنهنجي وفا جو بيان ٿا ڪيون
تنهنجي عظمت اڳيان سر جهڪائي ڇڏيون،
تنهنجي نالي مٿان گَل نڇاور ڪيون،
موج اهڙي دنيا ۾ مچائي ڏيون.

اي اسان جا وطن، سونهن وارا وطن،
تنهنجي ذرتيءَ تان قربان تارا وطن.
صبح تو ۾ ٿو سهڻو سُهائو لڳي،
شام تارن سان سينگارجي ٿي اچي،

تو ۾ سنڌو وڏي شان سان پيو وَهي،
نانءُ تنهنجو سدا ناميارو رهي.
اي اسان جا وطن سونهن وارا وطن،
تنهنجي ذرتيءَ تان قربان تارا وطن.

گــل

مـــان آهيان هـــڪ ننڍڙو گل،
ڦلـواڙيءَ جـــو سهڻـــو ڦـــل.

رات کُٽي ٿي، آءٌ ٽڙان ٿو،
سورج اُڀري، آءٌ کِـڙان ٿو.

آڏ وڏائي ڪين ڪيان مان،
واءُ جي آڏو ٿو نِوڙان مان.

مون ۾ وڻندڙ خوشبو آهي،
مونکي ٿو پيو هرڪو چاهي.

مون سان پوپٽَ نينهُن لڳائن،
ڀنورا ڀُٽڪن، ڦيريون پائن.

منهنجي صورتْ رنگ برنگي،
نيـري، ڳـــاڙهي ۽ نارنگـــي.

ماڻهن جـــا انبوهه اچن ٿا،
باغيچـــن ۾ ميڙَ مچـــن ٿا.

مُرڪي مُرڪي واسُ ورهايان،
جڳ ۾ خوشبو ٿو ڦهلايان.

مون سان هرهڪ پيار ڪري ٿو،
الفت جو اظهار ڪري ٿو.

منهنجو نالو گل آ ’غازي‘،
گل سان سڀئي آهن راضي.





هي ديس اسان جو جنت آ

هي ديس اسان جو آ ساٿي،
هي ديس اسان جو جنت آ،
هي ديس اسان جو جنت آ.

هن ديس جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي،
سَو وار پيو قربان ٿجي،
جند جان تہ ڇا، گھر ٻار ڏجي،
هن ديس تي وسندي رحمت آ،
هي ديس اسان جو جنت آ.

هن ديس مان لک ٿا لال لڀن،
هت سورهيہ پٽ سرواڻ ڄمن،
جي ديس جو نالو روشن ڪن،
هر دل ۾ وطن لئہ الفت آ،
هي ديس اسان جو جنت آ.

هن ديس جو آهي مانُ متي،
هن ديس جو آهي شان متي،
هن ديس جي آهي آنِ متي،
هن ديس ۾ ملندي شفقت آ،
هي ديس اسان جو جنت آ.

هن ديس تي هردم نور وسي،
شل سُکيو هر انسان رهي،
هن ديس ۾ هرڪو مانُ لهي،
هن ديس جي اعليٰ عظمت آ،
هي ديس اسان جو جنت آ.

ڪينجهر جو هندورو لڏندو ڏسان،
هت مير مهاڻو ڪڏندو ڏسان،
۽ پرنپ پکيئڙو اُڏندو ڏسان،
هر دل کي ايندي فرحت آ،
هي ديس اسان جو جنت آ.

هن ديس ۾ ننگر پونگر آ،
هت پيار جو سڀ ۾ جوهر آ،
هن ديس ۾ 'غازي' گوهر آ،
ڪنهن کي به نه ڪنهن سان ڪلفت آ،
هي ديس اسان جو جنت آ.

گلن جهڙا

اسان ٻالڪ گلن جهڙا،
نہ هوندا ڪي وري اهڙا.

ننڍا آهيون تہ، پوءِ ڇا هي،
اسان کي سڀ ڪو ٿو چاهي.

اسان جو پيار آ سڀ سان،
نٿا نفرت ڪيون ڪنهن کان.

ڪنداسين قوم جي خدمت،
وطن سان آ وڏي الفت.

رهيو ايڪو اسان ۾ آ،
ڪِٿي ڪنهن سان نہ ڪِئي آ ڪا.

اسان کي ديس آ پيارو،
رهي قيامت تائين يارو.

ادڙا

منهنجا ادڙا اوري آءُ،
مون سا گڏجي ماني کاءُ.

تنهنجا پاتا پاتا پول،
گهوري توتان جيجل ماءُ.

آهين ساري گهر جي سونهن،
شل نہ لڳئہ ڪو ڪوسو واءُ.

دودو ٽيندين جوڏو ٽيندين،
تو مان ايندو آهي ساءُ.

تنهنجو چهرو جهڙو چنڊ،
سهڻو آهين سڀ کان پاءُ.

منهنجو آهي تو سان پيار،
پيار جو ڏيندو آهين هڳاءُ.

تو بن وڻندو ڪين بهارُ،
تو سان ساھ ڪيو سرچاءُ.

’غازيءَ‘ جو تون نيڻن نور،
نور بنا ڪو کهڙو پاءُ.

اسان راجا

اسين ٻالڪ اسين راجا،
اسين ڪائون ڪِلي ڪاڄا.

سخي آهيون، سخاوت جا،
نہ رڪندا هون اسين ماپا.

اسان جــي آ شهنشاهي،
حڪم سڀ تي هلي هر جا.

اسان لئہ گيت ٿا لکجن،
پڙهن شاعر، ٿئي واه وا.

اسان جي دم سان آ دنيا،
خوشيءَ جا ٿا وڄن واڄا.

اسان جي ماءُ سنڌڙي آ،
اسين ان جا ٻچا پيارا.

ڏسون غم ڪونہ ڪو 'غازي'،
اسين آهيون سچا سارا.

رانديڪا



شهر سکر مان بابي آندا،
منهنجي خاطر ڪي رانديڪا.

رانديڪن سان راند ڪيان ٿو.
راند ڪري مان سَرهو ٿيان ٿو.

هڪ آ گهوڙو چاٻيءَ وارو،
مون کي ڏاڍو آهي پيارو.

ننڍڙي ننڍڙي ريل وٽي ٿي،
گڏن گڏين جا بار کڻي ٿي.

گهوڙي جو رنگ ڳاڙهو آهي،
ريل ۾ رنگ کان خالي ناهي.

طوطو پڃري ۾ آ ويٺو،
سائو سائو سهڻو سهڻو.

پهريائين مان پڙهندو آهيان،
اکر پٽيءَ تي لکندو آهيان.

واندو ٿي پوءِ راند ڪيان ٿو،
’غازي‘ دل کي وندرايان ٿو.

طوطل

ايڏو تون نہ تنوار طوطل،
ايڏو تون نہ تنوار،

پنهنجي ٻوليءَ ۾ تون راٽل،
ساٿيءَ کي نہ سنيار طوطل،
ايڏو تون نہ تنوار،

ٻولي تنهنجي منڙي آهي،
اُج چڏي ٿي منهنجي لاهي،
مون کي ٻيي تون ڳٽتيون ڏيئي،
جان نہ منهنجي ڳار طوطل،
ايڏو تون نہ تنوار.

ڪنهن کي وينو سارين ٿو تون،
ڪنهن جي راهہ نهارين ٿو تون،
هيڏي هوڏي جاڏي ڪاڏي،
چاهت آ چوڌار طوطل،
ايڏو تون نہ تنوار.

ڇُهنب چتونئڙا ڪولين چو ٿو،
منڙيون ٻوليون ٻولين چو ٿو،
اڪيون ٻوٽي ويهي پنهنجي،
'غازيءَ' ساڻ گذار طوطل،
ايڏو تون نہ تنوار.

ڪارو ڪتڙو

ڪارو ڪتڙو مون آ ڌاريو،
مونکي ڏاڍو آهي پيارو.

مونسان گڏجي راند ڪندو آ،
ڌارين سان ويڙهاند ڪندو آ.

گهر تي پهرو ڏيندو آهي،
غفلت ڪابہ ڪندو هي ناهي.

رات جو در تي ويهندو آهي،
هيڏي هوڏي ڦرندو آهي.

پين ڪتڙن کان نيارو آهي،
تڏهن تہ مون کي پيارو آهي.

ٻچڪر تي پڇ لوڏيندو آ،
منهنجي پيرن ۾ پوندو آ.

حڪم جو بندو هوندو آهي،
مون کان دور هو ويندو ناهي.

ڪارو ڪتڙو مون آ ڌاريو.
مون کي ڏاڍو آهي پيارو.

گيت ڳايو

ديس جا ڪي گيت ڳايو، گيت ڳايو، جهمريون پايو.
ديس جي ٻولي مِٺي آ،
ديس جي لولي مِٺي آ،
ويس سهڻو پنهنجو پايو، گيت ڳايو، جهمريون پايو.
سنڌ آهي سون سارو،
سنڌ تان سر صدقي ٻارو،
ديس سان سڀ نينهن لايو، گيت ڳايو، جهمريون پايو.
خوب چمڪايو چمن کي،
پاڙيو پنهنجي سخن کي،
امن ڏي سڀ هٿ وڌايو، گيت ڳايو، جهمريون پايو.
عِلم سان سڀ نينهن لايو،
۽ جهالت کي ڀڄايو،
ديس پنهنجي کي سجايو، گيت ڳايو، جهمريون پايو.
هي اسان لئہ آهي جنت،
هن تي وسندي آهي رحمت،
لوڪ کي 'غازي' ٻڌايو، گيت ڳايو، جهمريون پايو.



سکر براج

اچو اڄ سکر شهر گڏجي گھمون،
انهيءَ ساڻ سنڌو وهي ٿو ڏسون.

سنڌوءَ جي ڪناري تي ويهي اسان،
ڏسي سونهن اُن جي نظم ڪي لکون.

هو بئراج سامهون نظر جا اچي ٿي،
ڪتابن ۾ اُن جون ٿا ڳالهيون پڙهون.

سکر جي ئي نالي پٺيان نانءُ آ،
سندس نانءُ سهڻو پڙهون ۽ ٻڌون.

هي بئراج آهي وڏي ۾ وڏي،
ڏسي سونهن صورت ٿا تعجب ڪيون.

وڏا واهه ست ٽا وهن پيا هتان،
ٽا سَرسَبزُ تن سان زمينون ڏسون.

هي درياهه ڌرتيءَ سندي دوستي،
اسان ڪيت ڪيڙي ٽا ڪائون پيئون.

سدا سنڌ سهڻي ستابي ° رهي،
ڪٽي هٿ ٻئي ٽا دعائون ڏيون.

وڏا ويڪرا در ته چاهت اٿس،
ونگن تي ٻٽايل اُهي ٽا ڏسون.

تنظيم

اچو تہ ڪا تنظيم ٺاھيون،
ايڪو ۽ اتحاد وڌايون.

نفرت جون ديوارون ڊاھيون،
نيت تہ ٻچڙا سنڌ جا آھيون،
اڳتي پنھنجا قدم وڌايون،
اچو تہ ڪا تنظيم ٺاھيون.

ايڪي ۾ الله آ راضي،
ياد ڪيون ٿا پنھنجو ماضي،
نيڪي نانءُ ڪمايون،
اچو تہ ڪا تنظيم ٺاھيون.

وڏڙن ڪي ويچار ۾ آڻي،
راهہ وٺون ڪا سُک جي هاڻي،
نفرت جو دستو، مٽايون،
اچو تہ ڪا تنظيم ٺاهيون.

امـــــن محبتَ ڀائيچارو،
هي آهي دستور نيارو،
پنهنجو هر دم هوش هلايون،
اچو تہ ڪا تنظيم ٺاهيون.

گڏجڻ سان ٿا ويچا وڌجن،
لاکيڻن ۾ نانءَ ٿا لکجن،
پاڻ ڏي 'غازي' ڀاڳ ورايون،
اچو تہ ڪا تنظيم ٺاهيون.



وطن

اي وطن سهڻا وطن، ڪونہ تو جهڙو چمن.
باغ تنهنجي ۾ لڪين،
گل نوان نِڪري پون،
اي وطن سهڻا وطن، ڪونہ تو جهڙو چمن.

گونج نڪرن ٿا نوان،
روز ٿيون مکڙيون ٽڙن،
اي وطن سهڻا وطن، ڪونہ تو جهڙو چمن.

سونهن گلڙن جي ڏسي،
ڀؤنر ڀيرا ٿا ڏين،
اي وطن سهڻا وطن، ڪونہ تو جهڙو چمن.

سنگ سونا ڪٽڪ جا،
تنهنجي پوکن ۾ پچن،
اي وطن سهڻا وطن، ڪونہ تو جهڙو چمن.

ملڪ جا ماڻهو مٺا،
منهنجي مَنَ کي ٿا وڻن،
اي وطن سهڻا وطن، ڪونہ تو جهڙو چمن.

پٽ ڏٿيءَ جي پوڻ تي،
ٻار ٻيڙا ٿا نچن،
اي وطن سهڻا وطن،ڪونہ تو جهڙو چمن.

ديس دنـيـــا ۾ سوين،
پر واهه واهه منهنجو وطن،
اي وطن سهڻا وطن، ڪونہ تو جهڙو چمن.

سر فدا توتان ڪبو،
آهي 'غازيءَ' جو وچن،
اي وطن سهڻا وطن، ڪونہ تو جهڙو چمن.



سوڪڙي

پيار ۽ پاٻوهہ سان ڏس،
تون ٻئمون ڪان پيار سان وٺ.
مان ڏيان ٿو توکي هڪڙي، سهڻي ساٿي سوڪڙي.
آه سهڻو ڇاپو هن جو،
ڪٿ نہ ڏسبو ڇاپو اهڙو،
ڪونہ ڏيندو توکي اهڙي، سهڻي ساٿي سوڪڙي.
اٽَ ڪُنبو تارو آ، هن تي،
ڪم ڪاريگر ڪيو آ، هن تي،
ڪير ڏينديءِ هن جهڙي، سهڻي ساٿي سوڪڙي.
رنگ هن جو ڇا چوان مان،
تحفو توکي ٿو ڏيان مان،
ڏس تہ آهي سهڻي ڪهڙي، سهڻي ساٿي سوڪڙي.
نانءُ هن جو آه، اجرڪ،
هي اسان کي ڏيندو آ ڏَڪُ،
ڳالھ ناهي اهڙي تهڙي، سهڻي ساٿي سوڪڙي.

جاڳو جاڳو

جاڳو جاڳو ساٿي جاڳو، جاڳو ننڊ ڦٽايو.
رات کُٽي وئي، صبح ٿيو آ،
ڪيڏو ڪڪڙن دس هنيو آ،
سج آ اُڀري آيو، جاڳو ننڊ ڦٽايو.
مَنهن مٿان ڏس ڪانگ لنوين ٿو،
ڪا ته اسان کي ڳالهه چوي ٿو،
مُنهن تان چادر لاهيو، جاڳو ننڊ ڦٽايو.
ساجهر سُمهجي اُٿجي پارو،
سير سفر لئه وڃجي پارو،
سياڻن آ سمجهايو، جاڳو ننڊ ڦٽايو.
اٿڻ سان پهريون ڪجي عبادت،
روحِ کي ملندي آهي راحت،
پرور کي پرچايو، جاڳو ننڊ ڦٽايو.
وهنجي سهنجي پارو سچ پچ،
صاف سٺا ٿيو، يارو سچ پچ،
پنهنجو پاڻ سجايو، جاڳو ننڊ ڦٽايو.
اسڪول وڃڻ جي ڪيو تياري،
علم پڙهو ۽ وٺو هوشياري،
جهل جو نانءُ مِٽايو، جاڳو ننڊ ڦٽايو.

لالچ

لالچ نہ ڪجي لالچ نہ ڪجي،
لالچ سان ٿيندو نقصان.
لالچ مارائيندي آهي،
صاف چيو آهي ڪنهن ڏاهي،
لالچ ڪين ڪري انسان، لالچ سان ٿيندو نقصان.
لالچ جو سچ مرض بُرو آ،
تنهن ڪان ڪوهين ڏور ٿبو آ،
لالچ ڪيرائي ٿي شان، لالچ سان ٿيندو نقصان.
لالچ ڪان جو بچندو 'غازي'،
سک سوين سو ڏسندو 'غازي'،
سهڻو آهي هي فرمان، لالچ سان ٿيندو نقصان.

سادگي

سادگيءَ ۾ آ مزو، سادگي آهي سُٺي،
سادگيءَ سان ساٿيو دل کي ملندي آ خوشي.

عيش ۾ انسان ڪي ٿا، ڏک سوين سهڻا پون،
هر گهڙي هر جاءِ تي، پيا سچ سياڻا ٿا چون.

جي نوان ڪپڙا ڪري، انسان آڪڙ سان گهمي،
مانُ ملندو ڪين ڪنهن کي، پل ڪشالو پيو ڪري.

جيڪڏهن سَستين شين سان، ٿي گذر ٿي زندگي،
پوءِ ڇو وڃي مهانگي، ٿي زهر ٿي زندگي.

هڪ خدا کي ٿي جڳائي، بس وڏائي دوستو،
ٻانهي جي لئہ آهي بهتر، سادگي اي پيارو.

سادگي ايمان آهي، سادگي آ بندگي،
سادگيءَ سان ملندي آ، هي روح کي بہ تازگي.

مانُ محنت سان ملي ٿو، شانُ آ ڪردار سان،
ڪين ورندو ڪجھ بہ يارو، سيٺ ۽ آڪڙ منجهان.

سادگيءَ جي لاءِ آهي حڪم مرشد مير جو،
سادگيءَ وارو اي 'غازي' ڏک نہ پسندو آهہ ڪو.



مور

اڄ سير ڪندي باغ ۾ هڪ مور ڏٺو سي،
ٻارن جو هيو ميڙ وڏو شور ٻڌو سي،

پَرَ پنهنجا کولي سهڻا ٿِي ناچ ڪيائين،
پيرن تي پيس نظر ته پوءِ روئي ڏنائين.

ڪوئل جو ٻڌو ڪيڏو آواز مٺو آ،
پر مور جو اهڙو نه ڪنهن آواز ٻڌو آ.

سانوڻ ٿو اچي، مور نچي موج ڪري ٿو،
پَرَ کولي پنهنجا باغ ۾ هو خوب ٽِلي ٿو.

آ ڍيل سندس زال جا سهڻي ۽ سُٺي آ،
پر مور کان سا سونهن ۾ ڪيڏي نه کَسي آ.

انسان جي ويريءَ سان سدا وير رکي ٿو،
ماري ٿو صفا نانگ کي جاتي به ڏسي ٿو.

رنگِ روپ ۾ قد ڪاٺ ۾ وهه واه ٺهي ٿو،
سِر پنهنجي مٿان عجب هو تاج رکي ٿو.

هي پيارا پکي پاڻ ۾ مُرڪي ٿا گذارن،
’غازي‘ هي اسان جا به وري نيڻ ٺا ٺارن.

مٺائي

شيشي ۾ جا بند پئي آهي،
ڳاڙهي، اڇي، سائي ڇاهي؟

ورق ويڙهيل تس چانديءَ وارا،
مُرڪن ٿا جڻ شيشا سارا.

سٺي آهي، اٺي ناهي،
ڪيڏو دل کي ٿي پئي ساهي.

ڪاڻ ڪان پوءِ هرڪو گهمندو،
پنهنجا چپ چٽيندو وتندو.

آءُ تہ توکي يي ڪارايان،
ڪارائي تو ڏوءُ ڪرايان.

هاڻ تہ هر ڪنهن سمجهيو هوندو،
نانءُ سين لئہ سَنهنجو هوندو.

ها ها!! هاڻي سمجهي وياسين،
ڪارائيندين خوش ٿيندا سين.

برفي، نختي، پيڙا مائو.
جيڪا چيز وَٽيوَ سا ڪائو.

آه ڏسڻ ۾ سهڻي سائي،
نالــو اُن جــو آه مٺائي.

'غازيءَ' ســان گڏ ڪائو پـارو،
جيئي شــال مٺائيءَ وارو.

ڏينهن تتو

ڏينهن تتي جو گهمو نہ ٻارو،
گهر کان ٻاهر وڃو نہ ٻارو.

اُس تي پيئي جان کي ساڙي،
هرڪو چانوَ تڏي تو تاڙي.

ڏينهن جڏهن ڪنهن کي آ لڳندو،
سَتيِ سِگهو اُن کي آ رڪندو.

ڪانءَ جي اک يي پيئي نڪري،
گرميءَ ۾ هر جان تي پگهري.

هر هر ٽڏڙو ٻڪو پاٽي،
گرميءَ جي تي جيئن پچاٽي.

ٻاهر نڪرو جي ڪنهن ڪم سان.
توپ نہ لاهيو پنهنجي سِر تان.

ڪلندي ڪائيندي تَپُ ڏيندي آ،
گرمي دشمن تي پوندي آ.

’غازيءَ‘ جي هيءَ ڳالھ هنڊايو،
گرميءَ کان پُٽ پاڻ بچايو.

ٻچيءَ جا هار

ڪلندا ڪُڏندا ٻار اچن ٿا،
ٻَار ٻچيءَ جا هارَ لڳن ٿا.

ننـنـڍڙا ننڍڙا، سهڻـــا سهڻا،
ڪيڏا آهن، هي مَنَ موهڻا.

شال وڏا ٿي جوڌا ٿيندا،
قوم تان پنهنجو ساهه ڇڏيندا.

اُبي امڙ جي آس انهن ۾،
سُرهي گل جان واس انهن ۾،

هي جڻ چنڊ ستارا آهن،
موتي، ماڻڪ ناهن ڇاهِن.

ٿهڪ اُنهن جا مَن کي ڀائن،
مُرڪي ٿا دل کي ٻهلائن.

جڏهن ٻه ننڍڙا ٻار پڙهن ٿا،
منهنجيءَ دل کي خوب وڻن ٿا.

’غازي‘ ٿيندا غم لاهيندا،
پنهنجي قسمت کي ناهيندا.

SOORIH SINDHI ADAB

ڪاوڙ

ڪاوڙ ڪنهن سان ڪين ڪبي آ،
ريت نہ اهڙي ڪابہ چڱي آ.

ڪاوڙ آ انسان جي دشمن،
هيءَ اجاڙيندي آ گلشن.

ڪاوڙ مان نفرت ٿيندي آ،
نفرت تَن مَن ساڙيندي آ.

ڪاوڙ مان نقصان ٿين ٿا،
سنگتي ساٿي ڇڏي وڃن ٿا.

ڪاوڙ ڪي تو جيڪو ڪائي،
مانُ اهو تو جڳ ۾ پائي.

ڪاوڙ ڪين ڪندو ڪر 'غازي'،
سيني سان رهندو ڪر راضي.

اجرڪ وارا ماڻهو

اجرڪ وارا پيارا ماڻهو،
سنڌي ٽوپيءَ وارا ماڻهو.

يائر سب ير وارا ماڻهو،
سرس سيئي سويارا ماڻهو.

جهانگيئڙا جونجهارا ماڻهو،
پل ۾ پرچڻ وارا ماڻهو.

آڏاٽا اوتارا ماڻهو،
اندر جا اُجيارا ماڻهو.

هيمو، دودي پارا ماڻهو،
جيئن جيءَ جيارا ماڻهو.

سنڌڙيءَ جا هي سارا ماڻهو،
وانگيئڙا ويچارا ماڻهو.

ماڪيءَ جهڙا منڙا ماڻهو،
ڳيرو ڳيرو ڳاڙها ماڻهو.

نهڻيا ۽ ناميارا ماڻهو،
سهڻا چنڊ ستارا ماڻهو.

هر جاءِ تي هاڪارا ماڻهو،
سنڌڙيءَ جا سونهارا ماڻهو.

’غازي‘ نينهن نيارا ماڻهو،
سنڌوءَ جي ڇڙ ڌارا ماڻهو.

هي ٻارڙا

هي ٻارڙا، البيلڙا، معصومڙا،
پنکڙيون ڪي ڄڻ گلابي گلاب جون هي.
خوشبو ڏين سهڻا لڳن،
هي اُڀ جا ڄڻ ڪي تارڙا
اڱڻ ٿا آباد ڪن هي ٻارڙا
امڙ ۽ بابي جي نيڻن جا ڏيئا
وڏڙا ٿيندا جوڌا ٿيندا
دودا ٿيندا
قوم جي ڪشتي ڪناري
سان لڳائيندا، هي 'غازي' ٻارڙا
ڄڻ ڪي گلڙن هارڙا
آفسير ٿيندا، ليڊر ٿيندا
شل عمر وڏڙي ماڻيندا
هي ٻارڙا
البيڙا
معصومڙا

ٻهراڙي

ٻهراڙيءَ جا سادا سودا،
ماڻهو سچ ڳالهائن سارو.

ٻهراڙيءَ جي رهڻي ڪهڻي،
وڻندي آهي سڀ کي ٻارو.

ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جو آ،
هر هڪ ٻول مٺو ٻاجهارو.

ٽوپ مٽي تي ڪلهي تي ٻوڇڻ،
۽ پاتل پهراڻ آ پيارو.

ٻهراڙيءَ جو شانُ نرالو،
سونهن ۾ آهي سڀ کان نيارو.

ڀـهراڙيءَ جو صبح ٻه سهڻو،
شام جو وٽندڙ آه نظارو.

هير ٻه دلڪش صاف آ لڳندي،
تـيندي آهي ساهه سهارو.

ڪٽڪ ۾ جوئر جي مانيءَ سان،
پيئو لسيءَ جو سنهڙو جهارو.

ڏؤنرو، ڪير، مکڻ ۾ ڏڌ تا،
ڀـهراڙيءَ ۾ ڪائن ٻارو.

ماٺهو خوش تيندا هن 'غازي'،
جڏهن تئي سانوڻ وسڪارو.

ٻالڪ تنهنجا ٻول

ٻالڪ تنهنجا ٻول ٻه منڙا ٻالڪ تنهنجا ٻول.
مونکي ڏاڍا وڻندا آهن،
سارو ٽڪ لڳن جو لاهِن،
تنهنجا تال متول، ٻالڪ تنهنجا ٻول.
سهڻي رُت بسنت جي آهي،
پر هي تو بن ڪجھ بي ناهي،
تون آهين انمول، ٻالڪ تنهنجا ٻول.
ماڪيءَ جهڙا منڙا تنهنجا،
رابيلن جي خوشبو جهڙا،
سچا سارا قول، ٻالڪ تنهنجا ٻول.
موتيي جهڙي مهڪ آ تو ۾،
چاهيندو آ هرڪو توکي،
تنهنجا رنگ رتول، ٻالڪ تنهنجا ٻول.
چنڊ ستارن ڪان وڌ آهين،
سهڻي سيرت سان تو ساهين،
ڀرن خوشيءَ سان جهول، ٻالڪ تنهنجا ٻول.
سڀ ڪي وڻندا آهن 'غازي'،
هِت هُت هلندا آهن 'غازي'،
چاهت جا چؤٻول، ٻالڪ تنهنجا ٻول.



نظارا

وٽن ٿا هو دل کي نظارا نظارا،
سدا وٽندا آهن ستارا ستارا.

هو عاشق، هو خادم ۽ راشد آ بيٺو،
آٿن ساڻ سونو ۽ سرمد ڀلارا.

بهارون جو آيون پيون پپل پينگهون،
چون ٻول ٻالڪ ٻاجهارا ٻاجهارا.

ڀريو رنگ قدرت، گلن ۾ آ سهڻو،
هوا ۾ لڏن ۽ ڏين ٿا اشارا.

چٽي ٻج ٿو بيٺو، هو هاري زمين ۾،
ٻڌل ڏس ٻني سان ڀٽارا ڀٽارا.

هو گاڏيءَ ۾ ويٺل ۽ اجرڪ ۾ اوڙهيل،
ڏسي ويٺو ٻالڪ سنڌوءَ جا ڪنارا.

ٻڌايان ڇا توکي، اڙي يار 'غازي'،
نظارا وطن جا نيارا نيارا.



سنڌ آ سياڳي

هيڏي تہ آءُ ٻالڪ،
مان سنڌ جو توکي سير ڪرايان،
هي سڌ آ سياڳي
هن ديس ۾ رهن ٿا ماڻهو منڙا پيارا
هر چيز هن وطن جي سهڻي ۽ سيبتي آ
هي سنڌڙي اسان ڪي جنت جان آه پياري
انبن جا باغ ڏس تون
ڪجيون هي خيرپور جون ڪهڙيون نہ سهڻيون آهن
ڪاٽي تون ڪارڪون ڏس اضيل ۽ فصيل ڏوڪا
۽ ڏنگ ڪاٽي ڏس تون
درگاهہ هيءَ سچل جي، هيءَ ڀٽ آه ڀلاري
سهڻي لطيف واري
ڏيجيءَ جو ڪوٽ ڏس تون
مسجد ٺٽي جي ڏس تون
جوڙايل هيءَ شاهہ جهان جي آهي.

تُرت تَياري

وقت اچي ويو آهي ويجهو،
آءُ ڪيون ڪا تُرت تياري.
وِهنجي سِهنجي ڪپڙا پائي،
سُرمو پائي سينڌ سجائي،
مڪتب ڏي هل وڪ وڌائي،
هاڻي وٽ تون ڪا هوشياري، آءُ ڪيون ڪا تُرت تياري.
سُورجَ اُڀري ڪَني ڪڏي آ،
ڪرڻن جي برسات وسي آ،
اوندهه جي هر ليڪ ڊِني آ،
صورت صاحب آه سنواري، آءُ ڪيون ڪا تُرت تياري.
ننڍڙو آهين وڏڙو ٿيندين،
نيٺ ته منزل تي تون رَسندين،
اِبي امڙ کي سُک تون ڏيندين،
سِر تي کڻندين بار تون ڀاري، آءُ ڪيون ڪا تُرت تياري.
عِلم جي شمع کڻ تون هٿ ۾،
سهڻو لڳندو آهين سٿ ۾،
ڪم نه اهڙو ڇڏجانءِ اڌ ۾،
عِلم جي دولت آهي پياري، آءُ ڪيون ڪا تُرت تياري.

چڱائي

چڱو آهي سڀ سان چڱائي ڪجي،
ڪڏهن ڪين ڪنهن سان مَدائي ڪجي،

چڱائيءَ جو بدلو چڱو ٿو ملي،
چڱو ٻار هردم ٿو جڳ ۾ کِلي.

چڱي ڪي چڱو ٿا سڀئي چون،
سڏي ماڻ تنهن کي سڀئي ڏين.

ابي ۽ امڙ جو اکين تارُ آ،
ڪندو هو بہ سڀ سان سدا پيار آ.

ڪڏهن ڪين ويجهو وڃي ڪوڙجي،
سدائين سچو ٻار سچ ٿو چوي.

هميشہ سينين سان سٺو ٿو هلي،
تڏهن ئي تہ ويجهو ويهارن سڏي.

اوهان پڻ چڱا ٿي چڱائي ڪجو،
مثل گل جي 'غازي' ٿي خوشبوءِ ڏِجو.

بُري عادت

بُرين عادتن کان بچو ساٿيو،
حياتي اُنهن ۾ پوي ٿي جُهري.

بُرين عادتن ۾ تو جيڪو رهي،
وهائي ٿو ڄڻ پنهنجي ڪنڌ تي ڇري.

اگر سچ پُڇو جي بُرين عادتن ۾،
حياتي ٻتر جان پوي ٿي ٻري.

نہ عادت چڱي آهي سگريٽ جي،
کُلي ٿي انهيءَ سان ڏکن جي دري.

جُوا، ڪوڙ، چوري ٺڳي ۽ نشو،
انهن عادتن کان ويهو ير سري.

اوهان کي انهن کان بچائي خدا،
نہ ڪنهن ۾ ڏسون ڪابہ عادت بُري.

سُگهڙ

ماں هڪ ننڍڙي نينگر آهيان،
گهر ۾ ڪنهن سان وڙهندي ناهيان.

پيءُ ۽ ماءُ جو چيو مڃيان ٿي،
گهر جو ڪُل ڪم ڪار ڪيان ٿي.

بيشڪ! ننڍڙي نياڻي آهيان،
پر مان ڏاڍي سياڻي آهيان.

رڌو پڪو مان پاڻ ڪيان ٿي،
ڪپڙا پنهنجا پاڻ ڌوئان ٿي.

گهر کان ٻاهر جڏهن وڃان ٿي،
رئو مٿي تي آءٌ رکان ٿي.

ڪوڙ نه ڪنهن سان مان ڳالهايان،
سڀ کي سارو سچ سڻايان.

آءُ وڏن جو ادب ڪيان ٿي،
تن جو هر دم چيو مڃيان ٿي.

درس وٺڻ مان جڏهن وڃان ٿي،
سبق سمورو پڪو ڪيان ٿي.

ننڍن وڏن سان پيار ڪيان ٿي،
پيار جي بدلي پيار گهران ٿي.

اوهان ڀي مون وانگر ٻارو،
مُرڪي جيئو جيون سارو.

پنهنجا ڪپڙا پاڻ سبان ٿي،
جيجل ڪان مان پرت سکان ٿي.

علم، ادب، اخلاق پرايان،
جڳ ۾ 'غازي' پيار ورهايان.

اخلاق

خُلق کان بهتر نہ ٻي ڪا چيز آ،
خُلق سان انسان ٿو اعليٰ ٿئي،
خُلق بن انسان ڄڻ حيوان آ،
خُلق واري جي پئي واه واه ٿئي.

خُلق سان انسانُ ٿو سهڻو ٿهي،
پيار جي ساگر مان ٿو موتي لهي،
خُلق ريءَ انسان ڪجھ ٻي ڪين آ،
ماڻهپي کان ڄڻ تہ هو پاسي رهي.

ٻول اهڙا ٻول جي سڀ کي وڻن،
سي مٺا ماکيءَ ۽ مصريءَ کان هجن،
نرم رک لهجو پرين گفتار ۾،
پيار سان ڏاريا بہ ٿا پنهنجا ٿين.

مُرڪندي ڪنهن سان بہ جي ملندين ادا،
مُرڪندي ملندا اُهي توسان سدا،
مُرڪ جا موتي رڪي ڇڏ پاڻ وٽ،
ڏک نہ پسندين ڏيهہ ۾ ڄاڻي خدا.

مُرڪندي سڀ سان ملڻ آهي سُٺو،
جيءُ خوش پنهنجو رهي ۽ لوڪ جو،
منهن گهنجائي ڪنهن سان ڇو مِلجي ڀلا،
ماٺيپي ريءَ ڪهڙو ماٺهوءَ ۾ مزو.

رَهُ زماني ۾ سُٺي ڪردار سان،
گفتگو ڪر تون مِٺي گفتار سان،
هي نشاني آ سُٺي اخلاق جي،
هل سڀن سان اوپرين تون پيار سان.

دوستو ڪنهن سان بہ ڪائي دشمني،
ڪين سونهين ٿي ڪڏهن سنسار ۾،
دشمنيءَ ۾ ڪو مزو ڪونهي ادا،
آ مزو ڏاڍو مناسب پيار ۾.

ساڙ ڪنهن سان ڪين رک سنسار ۾،
ساڙُ ٿي ساڙي ڇڏيندو آ ادا،
ڪين ڪر ڪنهن سان حسد اي يار تون.
پيار جو پرچار ڪر جيئن سدا.

جي اگر ڀلجي پوي انسان ڪو،
دگ سٺون اُن کي وٺائج تون ادا،
نيڪ ڪم دنيا ۾ ڪر جو دم جيئن،
نيڪ ماٺهن سان تون رهندو ڪر سدا.



سودو

بازار ۾ جو ٻالڪ وڃجي،
سوچي سمجهي سودو وٺجي.

هڪڙي هٽ تي بيهڻ ڪان اڳ،
ساري بازار جاچي ڏسجي.

ڪٿي جو سگهجي طاقت آهر،
بار ڪلهن تي سوئي ڪٽجي.

سودا جام هجن جي وٺڻا،
هڪ هڪ تاهي ڳڻجي.

سچ پچ پنهنجي ڪين هلائجي،
وڏڙن جو ڪو چيو ٻه مڃجي.

پئسي ۾ مڻ ملي تي جيڪا،
ڪِنُ ڦِتُ ملندي سا ڪيئن وٺجي.



ماما چنڊ

ماما چنڊ لهي اچ هيڏي،
توکي پر ۾ ويهاريان.

توکي ٻڪ لڳي آهي جي،
منڙا لولا ڪاريان.

تنهنجي سونهن ڏسي مان توکي،
هار ٻچيءَ ۾ پارايان.

توکي ڪيئن ڏسان مان ميرو،
آءٌ ته توکي وهنجاريان.

پر ۾ ويٺل آهن جيڪي،
سي سڀ ساٿي ڏيکاريان.

آءُ ته توکي پنهنجي منڙي،
سنڌي ٻولي سيکاريان.

'غازيءَ' جو تون ڏيهه ڏسي وڃ،
موهن، مکلي ڏيکاريان.

SOORIH SINDHI ADAB

گيت ڳائيندا هلو

پنهنجي سهڻي ديس جا، گيت ڳائيندا هلو،
گيت ڳائيندا هلو.

هر گهڙي هر گام تي،
ٽاريءَ مکڙي لام تي،
مسڪرائيندا هلو، گيت ڳائيندا هلو.
ننڍ پنهنجيءَ کي چڏي،
ديس واسين کي سڏي،
وک وڌائيندا هلو، گيت ڳائيندا هلو.
ديس جا آهيو [illegible]ي،
گل موتيي جا [illegible]ي،
سڀ ورهائيندا هلو، گيت ڳائيندا هلو.
سرس پنهنجي ساهه ۾،
روشنيءَ جي راهه ۾،
ڌرتي سجائيندا هلو، گيت ڳائيندا هلو.
سک منجهان ساٿي سڏي،
قرب مان 'غازيءَ' گڏي،
رنگ لائيندا هلو، گيت ڳائيندا هلو.

SOORIH SINDHI ADAB

شڪارپور ضلعي جي ننڍڙي ڳوٺ عبدوءَ ۾ جنم وٺندڙ غلام محمد ”غازي“ جي ٻارن لاءِ شاعري جو هي ڇهون ڪتاب آهي. 1976ع کان سندس شاعريءَ جو سفر جاري آهي. ان سونهري سفر دوران جتي هن وڏن لاءِ شاعريءَ جي صنفن تي ڪم ڪيو آهي، اُتي هن ٻارن کي به نه وساريو آهي. هو ٻارن لاءِ به مختلف موضوعن تي مسلسل لکندو رهي ٿو ٻارن لاءِ سندس شاعريءَ جو پهريون ڪتابڙو 1992ع ۾ ”ٻار گلن جا هار“ جي نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو. سندس پنجون ڪتاب سائنس پنهنجي سمجهاڻي 2003ع ۾ ڇپيو. ان ڪتاب کي اڃا ڪجھ مهينا مس گذريا آهن ته، هي ڪتاب ”رانديڪن سان راند“ ظاهر ٿي رهيو آهي. سندس اها ڪوشش ٻڌائي ٿي ته، غلام محمد ”غازي“ محنت ۽ تندهيءَ سان باقاعدي هڪ تحريڪ طور ٻارن لاءِ لکي رهيو آهي. هو ٻارن لاءِ رڳو خانا پوري ڪرڻ لاءِ ۽ ميار لاهڻ لاءِ نٿو لکي، پر سندس مضمونن جي چونڊ ۽ ان جي نياءَ منجهان اها ڳالهه نمايان نظر اچي ٿي ته، هو ٻارن کي شاعريءَ جي سادن ۽ سولن لفظن ۾ روزبروز نئين سماجي ۽ سائنسي معلومات ڏيڻ لاءِ پڻ ڪوشان آهي.

سندس هن مجموعي ۾ پيش ٿيل سمورو مواد نصيحت آميز علمي ۽ اصلاحي نوعيت وارو آهي. جيئن هيٺيان نظم ”سادگي“، ”لالچ“، ”مسڪرائيندا رهون“، ”جاڳو جاڳو ساٿي ساڳو“ ۽ سودو وغيره. اهڙن نصيحت آميز نظمن سان گڏوگڏ ڪن شعرن ۾ اها ڳالهه پڻ نظر اچي ٿي ته شاعر جي ذهن تي وطن سان محبت واري جذبي جو پڻ نمايان اثر آهي. جنهن جو اظهار ڪٿي ڪٿي سڌي طرح به ڪيو اٿس. غلام محمد ”غازي“ ديس جي ڍنڍن، ڍورن جي نظارن جي تعريف ڪئي آهي. شال اسان جو هي شاعر وڏيڪ وڌي ويجهي ۽ شاعريءَ جي خزاني کي وڌيڪ مالامال ڪندو رهي، ڇاڪاڻ ته اهو ئي علمي ترقيءَ جو بنيادي اثاثو آهي.

آزاد قاضي

ڄامشورو

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوبار

0344 3919786

0300 3404488

Sahib Khan "SOORIH" Mirani